# ٢. ماحول

ٻڌو. پڙهو. سمجهو ۽ عمل ۾ آڻيو.





ڳوٺن ۾ روزگار جا وَسِيلا پورا ميسر نہ هوندا آهن. ڳوٺن جا رهواسي اِن ڪري پنهنجي آجيوڪا لاءِ شهرن ڏانهن ويندا آهن. ڪين اُتي ڪنهن ننڍي وڏي ڪارخاني يا ڪنهن آفيس ۾ نوڪري ملي ويندي آهي. ڪي ڳوناٺا وري مزوري ڪري يا هٿ گاڏي هلائي، شيون وڪڻي پنهنجو پيٽ پالِن ٿا. شهرن جي آدمشماري وڌندي رهي ٿي ۽ اُهي وڏيڪ ڳُتيل بڻجندا وڃن ٿا. ڳوٺن جي هَوا شُڌُ، وڻندڙ ۽ صحت بخش هوندي آهي. شهرن ۾ تازي هوا مُشڪل ملندي آهي، انڪري شهري ماڻهو اَڪثر بيمارين ۾ مُبتلا هوندا آهن.

شهرن جي صاف هوا کي جيڪي عَناصر خراب ڪن ٿا، اُهي آهن:

- ڪارخانن مان نڪرندڙ دونهون ۽ زهريليوُن گئسوُن.
- بَسين، موٽر گاڏين ۽ ٻين واهڻن جو دونهون.
- آمدرفت سبب ٿهلجندڙ مٽي ۽ اُڏامندڙ دَزَ.

اَڪثر ڏٺو ويو آهي تہ شهرن جي پسگردائيءَ ۾ ڪيترائي ڪارخانا هوندا آهن، جن جو دونهون رات ڏينهن هوا کي خراب ڪندو رهي ٿو. اِن کانسواءِ ڪارخانن مان نڪرندڙ ڪيميائي پدارٿن سبب ٿيل گندو پاڻي، جنهن بہ نديءَ يا نالي ۾ پوندو آهي، اُنهن جو پاڻي بہ خراب ٿي پوندو

آهي. اُهو پاڻي پيئڻ نہ پري، پر بين ڪمن لاءِ بہ ڪارگر نہ هوندو آهي. اُهو پاڻي بَدِبوءِ ڦهلائي هوا کي خراب ڪندو آهي.

اَڄ هر شهر ۾ موٽرڪارون، موٽر سائيڪلون، اِسڪوٽرءِ آٽورڪشائون پڻ وڌنديون رهن ٿيون. اُنهن واهڻن جي دونهين ڪري بہ وايو منڊل اَشُڌِ بڻجي ٿو.

شهرن ۾ اَهڙو ڪو رَستو مشڪل مِلندو، جِتي آمدرفت سبب دونهين سان گڏ مٽي نہ اُڏامندي هجي. اُها مٽي ءِ دَز گهرن، دوڪاندارن چاهي راهگيرن لاءِ نقصانڪار ٿئي ٿي.

هوا جي اَشُدتا سبب شهري ماڻهن جي تندرستي بگڙجي ٿي. اِهوئي ڪارڻ آهي جو اَڄ جي شهري واتاوَرڻ ۾ زڪام، کنگهہ، سِهڪو ءِ ٽي.بيءِ جهڙيون بيماريون عام بڻجي پيون آهن.

ڀارت سرڪار طرفان وايومنڊل کي شُڌِ رکڻ لاءِ الڳ ويڀاڳُ قائم ڪيل آهي. ڪارخانن واري ايراضي شهر کان ٻاهر مُقرر ڪئي ويئي آهي.

هيٺ ڄاڻايل اُپاوَ عمل ۾ آڻڻ سان شهري ماحول کي ڪي قدُر شَدِ رکي سگهجي ٿو.

هر شهر ۾ جڳهہ جڳهہ تي وڻ پوکيا وڃن، جيئن هوا صاف ٿيندي رهي. ڪارخانن جو ڪيميائي پدارٿن وارو پاڻي ندين، نالن ۾ شڌيڪرڻ ڪريا ڪرڻ کانپوءِ ئي ڇڏڻ گهرجي. رستا سُٺا ءِ ويڪرا هئڻ گهرجن نہ جيئن مٽي گهٽ، اُڏامي. موٽر واهڻ گهٽ ۾ گهٽ دونهون ڦهلائين، اِن لاءِ اُنهن جي وقت بہ وقت چڪاس ڪرڻ گهرجي.

**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| وايومنڊل = واتاورڻ، ماحول | آجيوڪا = روزي روٽي | وسيلا = ساڌن، |
| عَناصر = جُزا | ڪارگر = ڪمائتو | پسگردائي =آس پاس. |
| مُبتلا = ڦاٿل (ورتل) | شڌيڪرڻ = صاف ڪرڻ. | |

## اَڀياس

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو:-**

۱) ڳوٺن جا رهواسي شهرن ڏانهن ڇو ٿا وڃڻ چاهين؟

۲) ڳوٺن جي آبهوا ڪهڙي هوندي آهي؟

۳) شهر وڌيڪ ڳتيل ڇو ٿا بڻجدا وڃن؟

۴) وڻن پوکڻ مان ڪهڙا فائدا آهن؟

۵) شهرن جي آبهوا خراب ڇو ٿئي ٿي؟

٦) ماحول کي شڌ ڪرڻ لاءِ ڪهڙا اُپاو ٻڌايا ويا آهن؟

سوال ٢: هيٺين جا ضد لکو:-

شڌ، بدبوءِ، ويکرا، نقصان

سوال ٣: هيٺين جون صِفتون ٺاهيو:

صحت، زهر، شهر، تندرستي،

**هدايت:** ماستر شاگردن کي ٻڌائيندو ته صحتمند زندگيءَ لاءِ ڇا ڇا ضروري آهي.

**مشغولي:** توهان پنهنجي ماحول کي صاف سُٿرو رکڻ لاءِ ڪهڙا اُپاءَ وٺندا؟ لکو.

## پورڪ اَڀياس

**(١) مثال موجب خاڪو پورو ڪريو.**

| | جملو | صحيح | غلط |
|---|---|---|---|
| | **مثال:-** وڻ ٻوٽا شهر جا ڦڦڙ آهن. | ✓ | ✗ |
| ١. | واهڻن جي وقت به وقت ديکڀال ڪرڻ گهرجي. | | |
| ٢. | ندين جي ڪنارن تي واهڻ ڌوئڻ گهرجن. | | |
| ٣. | واهڻن جي غلاظتن جو اَنداز PUC (Pollution under controll) دوران چڪاس ڪرائڻ گهرجي. | | |
| ٤. | جهنگلن جي ناس ڪرڻ سان برسات پوي ٿي. | | |
| ٥. | ڪارخاني وارن کي پنهنجي پسگردائيءَ ۾ وڻ پوکڻ گهرجن. | | |
| ٦. | ڪاڏي رڌڻ لاءِ ڪاٺيون نه ٻارڻ گهرجن. | | |
| ٧. | ٽرئفڪ سگنلن تي واهڻن کي چالو ڪري نه رکڻ گهرجي. | | |
| ٨. | هوا جي غلاظتن سبب ڪالرا جي بيماري ٿئي ٿي. | | |

**(٢) سبق مان اَهڙا پنج سنڌي لفظ ڳولهي لکو، جيڪي هِندي ڀاشا ۾ به ساڳيا لفظ ڪم آڻجن ٿا.**

**مثال :-** شُڌ، هوا....

**(٣) گوڙ شور - آواز جي غليظائيءَ بابت پنج - ست جُملا لکو.**

## وياڪرڻ

### فعل

فعل اُهو لفظ آهي. جنهن مان هئڻ، ڪرڻ، سهڻ يا ٿيڻ جي معنيٰ نڪري. فعل ڪانسواءِ جملو ڪابہ معنيٰ نہ ڏيکاري سگهندو آهي.

١) **مثال طور:-** نانڪ اَنب ڪائي ٿو.

هِن ست ۾ فعل آهي ڪائي ٿو. اِهو فعل ڪائڻ جو ڪم ٻڌائي ٿو.

٢) جمنا خط لکيو. (هن ست مان ڪرڻ جي معنيٰ نڪري ٿي.)

هن ست ۾ فعل آهي لکيو. اِهو فعل لکڻ جو ڪم ٻڌائي ٿو.

**هيٺ ڏنل جملن مان فعل چونڊي لکو:-**

١) جادوگر کيل ڏيکاري ٿو.

٢) رام ممبئي گهمڻ ويندو.

٣) شڪاريءَ شينهن ماريو.

٤) سنيتا ڏاڙهون خريد ڪيا.

٥) هِرڻي ڊوڙي ٿي.

٦) نيتا زيتون کاڌو.

٧) ڇوڪريءَ سبق پڙهيو.

---

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

**’دورانديش‘ لفظ ۾ سمايل اَکرن مان ڪيترائي نوان لفظ ٺهي سگهن ٿا. اَهڙا نوان لفظ ڪم آڻي هيٺيان خال پريو.**

**مثال:** بيمار ٿيڻ تي ڊاڪٽر مريض کي <u>دوا</u> ڏيندو آهي.

١) راجيش جو ڪرڪيٽ ------ ۾ شوق آهي.

٢) ------ تي ڪڙڪو ٻُڌي مان تڪڙو ويس.

٣) وقت نہ وڃاءِ اسڪوُل ۾ ----- ٿي ويندءِ.

٤) جهڙو ------ تهڙو من.

٥) اسانجي ------ جو نالو ڀارت آهي.

٦) اسانکي هميشھ پنهنجي ديش جو ----- وڌائڻ گُهرجي.

٧) ٽي.وي. ريڊيو، سنيما گهر ----- جا وسيلا آهن.

٨) تيز برسات سبب فوٽ بال جي راند ----- ڪٽي ويئي.

٩) ٻُڍاپي ۾ رما بائيءَ جي ----- گهٽجي ويئي.

١٠) ٻُڍاپي ۾ ----- سفيد ٿي ويندا آهن.